الصلوٰۃ والسلام علیک یارسول اللہ

فَاذْكُرُونِي أَذْكُرْكُمْ

ثناء

سِي حَرفي ۳۰

مُصنّفه

مولانا مُرشدنا مَطلوب الاحد محبوبُ الصمد

جناب رحمۃ اللہ علیہ

حضرت احمد سائين

درگاھ خانگڑھ شريف.

بحکم : جناب حضرت ميان عبدالرؤف صاحب سجاده نشين

خانگڑھ شريف

Scanned by CamScanner

فَاذْكُرُوْنِيْ اَذْكُرْكُمْ

ثناء

سِيْ حَرْفِيْ

مُصنّفَه

مولانا و مُرشدنا مَطلوب الاحد محبُوبُ الصمد

جناب حضرت **احمد** سائين رحمۃ اللہ علیہ

درگاھ عاليه خانگڙھ شريف.

بحڪم : سجاده نشين جناب حضرت ميان عبدالرؤف صاحب

دامتهم و بركاته

Scanned by CamScanner

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّبَارِكَ وَسَلِّمْ سُبْحَانَ اللّٰهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ وَلَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ اَللّٰهُمَّ اِنِّىۤ اَسْئَلُكَ وَاَتَوَسَّلُ اِلَيْكَ بِمَظْهَرِ وَحْدَا نِيَّتِكَ وَعُلُوِّ صَمَدَا نِيَّتِكَ اَنْ تُلْهِمَنِىْ بِمَظَاهِرِ عِلْمِكَ وَاَنْ تَسْتُرَنِىْ بِمَسَا تِرِ حِلْمِكَ وَيَسِّرْلِىْ وَلَا تُعَسِّرْلِىْ وَبِكَ نَسْتَعِيْنُ وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى خَيْرِ خَلْقِهٖ وَنُوْرِ عَرْشِهٖ وَسَيِّدِ نَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَبَارِكَ وَسَلِّمْ :- پڙهي پوءِ شروع ڪري تہ گهڻو فائدو ٿيندو ۽ جيڪڏهن ائين شروع ڪري تہ بہ جائز آهي. جو جو

مقصد حضور خيال جو آهي . هيو تہ معنيٰ سڪي پوءِ پنهنجي

رب سچي کي حاضر ڄاڻي . پوءِ مابقيٰ جو فنا ٿيڻا آهن . سي نظر

۾ نہ آڻي بلڪ پاڻ کي بہ گم ڄاڻي مگر ڪعبۃ الله شريف تہ

ضرور ديد ۾ رکندو . پوءِ محيط کي حاضر ڄاڻي انهيءَ ساڻ مخاطب

ٿي عرض گذاري . جيڪڏهن زڪوات ڪڍي تہ چاليهہ ڏينهن انهيءَ

ريت جلالي جمالي کان ترڪ ڪري پڙهي بعد اڌ رات جي ، پر ننڊ

ڪرڻ ضروري آٿس ۽ هر روز صلواة مبارڪ ادائي هزار پڙهي تہ

رجعت کان مامون رهندو . هي طلب بہ هڪ ۽ مخاطب بہ هڪ ۽

مؤڪل بہ هڪ آهي . انشاءَ الله تعاليٰ مطلب پورو ٿيندو .

Scanned by CamScanner

ا: اوّل يي تـــــون آخر يي تُون
بـــاطن يي تون ظاهر يي تون
بيشڪ تون آنُ بي رنگ بيچون
خاونـــد خالـــق ارض سمـــا
لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

ب: بـــاري برحـــق داور دانا
ياري بخشـــين نا تُوَانَا
غير ولادت ذات يگانـــا
ڪُونهِيُ ڪو ٻيو غير سِوَا
لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

ت: تـــوري تڪيـــو نانهن تَوَلاَّ
ڏاڍا انهنجـــــا اوڪ اَوَلاَّ
سائين ڪر تون سهنج سَوَلاَّ
راحـــــم ڪر تون ردّ بَلاَ
لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

Scanned by CamScanner

ث: ثابت رک تون دين اسانجو
هادي حَبْـــل متين اَسَانجُوْ
ياور بخش يقــين اســانجو
وحـــــدت وارو جام پـلا

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

ج: جاڳي جوش جمال اِلٰهي
بخش وصال ڪمال اِلٰهي
هر دم منجهہ خيال اِلٰهي
جلوو پهنجو پرين پسا

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

ح: حمـد هزاريـن تهنجـا هـادي
شوق سندي جي ڏي ڪا شادي
صُوفين وارو سـير سـوادي
قـــادر قــدرت ســاڻ ڪَرَا

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

Scanned by CamScanner

خ: خوف خيال ۾ خطرا خامي
آني وڏا اندر حــــرامي
توري تڪيو طلب تمامي
لاهي ڪـر سـي فـرق فنـا

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

د: درد اندر جيءَ دانهن ڏٺي رِسَ
هيٺو حال هي پاڻ ڪٺي پسُ
باري آهيان بـيڪـس بـيوس
شـافي تي تون شاهنشــاهـ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

ذ: ذاڪـر ڪـر منجهـ ذات يڪانا
طلـب جـا تـن ۾ وڄن تَرَانَا
رحـمـت وارا ڪـول خزانـا
هر دم گهُولج حُسـن هوا

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

ر: رهبر رس بـــيراهو آهيان
وارث رس بـــيواهو آهيان
آس اميد نـ تو تؤن لاهيان
راهـ رُلي کي رَسُـــتي لاَ

لآ اِلٰہَ اِلّا اللّٰهُ

ز: زور وڙهي تـو ديو دَرُوني
ظالم آني کـئي زبـوني
رهبر کر کا راهنموني
بُـچڙي بَدّ بـــلا کان بچا

لآ اِلٰہَ اِلّا اللّٰهُ

س: ســـائل آيم ســـائين تُو دَرَ
سمجهـ صحي ڏي پـاهر اندر
همت حــامي واسمع وانظر
حـــــافظ هادي لهج سَمَا

لآ اِلٰہَ اِلّا اللّٰهُ

Scanned by CamScanner

ش: شڪَّ لتا ٿيو شُعاع شهادة
احمدَ ۾ تَصديقُ صِدَاقت
مُطلق هڪ غفاري طاقت
محض مُحيط سيهن تي سَدَا

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ

ص: صدقون تو در سيس نوايون
تهنجون لاشڪ لڪ پَلايون
بخش اسانجون مير منديون
قلب جي ڪارنهن قادر لاھ

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ

ض: ضامن معنيٰ صورت شامل
ڪرمون ڪرّ ڪريما ڪامل
وحدة ساڻ ٿيان مان واصل
ساڻ صداقت قُرب وَدَا

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ

Scanned by CamScanner

ط: طلب سچي جي طاقت ڏي تون
مام سندي جي محبت ڏي تون
غير خيـال نـندوراڻيِ تُون
سـڪّ سـچائي ڪري سُهَا

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

ظ: ظاهر تُهنجي شاهنشـاهي
بـاطن تُهنجي رمز رِوَائي
هر دم تهنجي حُڪم هَلاَئي
توڪـي لائـق سَبَ ثنـا

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

ع: عين عنايت احمدؐ تـي ڪر
هـادي هـٿ حمايـت جـا ڌَرُ
ساڻ عنايت رسـجان رهبر
مهرون من جي مونجهه ڪُلاَ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

Scanned by CamScanner

غ: غير نہ چاڻ عين سُڄاڻ
پهنجو پاڻ کي پاڻ پَڇاڻ
خام خودي جو خيال نہ آڻ
ايها سمجهہ صحيح سِگاء

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ

ف: فرق فراق فنا کر حالي
کولج جلوو جان جمالي
وحدت وارو جام وصالي
احمد تي ٿيو عين عطا

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ

ق: قادر تهنجي قدرت قائم
حيرت ۾ جِنُ اِنسُ بَهَائم
شمس قمر گرداني دائم
هَيُبَتُ تهنجي هوش رُبا

لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللّٰہُ

Scanned by CamScanner

ڪ: ڪُونهي تُهنجي ذات جي ڏاران
وحـــدت ماري پاڙ پُڪاران
هيٺ مٿي هر حـــال تنواران
ريّ اســــان جي ربّ نہ آ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

ل: لَمْ يَلِدْ نہ ڪهنجـــو ڄَايُو
لاَ يَزَالُ نـــہ ڪَنُهـــن اپَايُو
مختياري مطلق صاحب رايو
اُنجـــي گهـــرُ ۾ نانهـــن اڙا

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

م: معنيٰ تون منجهہ سيڪنهن صورت
مـــام ۾ چوريـــن مخفـــي مُورت
ميّت ڪان حـــيّ حـــيّ ڪان ميت
تَفْـــعَلُ مَا تُرِيـــدُ تَشَاء

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

Scanned by CamScanner

ن: نانهن شريڪ نہ تُهنجوشاني
ڪُونهي ڪو بيو تُهنجو ثاني
تون آنُ باقي باقي فانِي
هِيَ هُو تهنجو حُڪم هَلاَ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

و: وفي انفسكم كيو اشارو
نحن اقرب ماربؤ نعرو
ڪُهُطُور تي تُهنُجو نور نظارو
واحد تهنجو واهہ وَدَّاء

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

ھ: هردم هَلّي حال هُوِيَّتُ
منجهہ هُوِيَّتُ مَحُضُ مَعِيَّتُ
غالب غير تي ثئي مَحوِيَّتُ
صُوفي صافي صاف صفا

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

Scanned by CamScanner

ل: لاشڪ لاشريڪ شهنشا
آمِرُ ناهِيُ اقـــرب آعليٰ
هُنجو حُڪم هميشان بالا
رکّي پهنجي چاههُ چَلاَ

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

ع: احمدؐ جو توشـــان وَڏَايُو
مرســل ماٽڪ عربــي آيو
قُربُون ڪلمي منجهه گَڏايو
واهــ عجائــب رمــز رَلا

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

ع: اَجُدَهٗ بــي بــا سيّ نبــوّت
آل اصحاب ۽ ساري اُمَّتُ
ســارا تهنجا اهل اطاعت
سي تي رحمت ربّ وَسَا

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

Scanned by CamScanner

ي: ياور بيشـــــك ذني ياري
١٣٢٣ هـ
عفـــر احمـــــد تي بَهَاري
اسمون جسمون تي سب ساري
هيـــدي هُوذي هــــك الله

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ

حَسْبِيْ رَبِّيْ جَلَّ اللّٰهُ
مافِي قلبي غير اللّٰهُ
نُور محمّد صَلّي اللّٰهُ
مكہ مدينہ بيت الله

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ
صَلَّي اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمْ

تمــــت

پوري تي ثناء سي حرفي

عرس مُبارڪ جا موقعا

حضرت آدم سائينؒ حضرت الھ ڏنو سائينؒ	11-12 رجب
حضرت عبدالغفار سائين	28-29 صفر
حضرت احمد سائين	22-23 شوال
حضرت محمود سائين	29-30 جمادي الاول
حضرت حامد سائين	04-05 شعبان
حضرت عبدالستار سائين	02-03 شوال
حضرت عبدالوحيد سائين	09-10 جمادي الاول
حضرت عبدالجبار سائين	03-04 شوال

Scanned by CamScanner